ڊاڪٽر عبدالقادر چاچڙ

# قديم سنڌي تهذيب ۾ عورت جو مرتبو

***Abstract***

**Value & Respect of Sindhi Women In Ancient Sindhi Civilization**

*The civilization of Sindh is the oldest civilization of the world. It is situated on river Indus. It is said that Sindh civilization is as old as Indus River. The ruins of Sindh civilization has proved that it was a developed civilization and women played a major role in its development.*

*After the advent of Islam in Sindh the status of women has increased. We see that Shaheed Muhtarma Benazeer Bhutto who belonged to Sindh has become a symbol of women who strive in society for human rights and especially for women rights. The article deals with the role of women in the development of Sindh civilization.*

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**آڳاٽي زماني** ۾ ماڻهن لاءِ زندگي گذارڻ تمام ڏکيو هو، هو وڻن جا پن جسم تي ڍڪي ۽ گاهه ٻوٽا کائي پنهنجي زندگي بسر ڪندا هئا. 3500 قبل مسيح کان ڪيترين صديون الڳ واري دور کي پٿر جو دور چئجي ٿو. انهيءَ وقت ماڻهو پٿرن جا اوزار ۽ هٿيار ٺاهي پنهنجي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪندا هئا ۽ انسان ذات جي پيدائش ۽ پٿر جي دور دوران برفاني دور مشهور آهي. انهيءَ دور ۾ ڪيترا ماڻهو ۽ جانور ٿڌ سبب اجل جو شڪار ٿيا.

جڏهن انسان ذات قديم دور (ڇرن ۽ غارن) مان نڪري سمنڊن، دريائن ۽ ڍنڍن ڪناري آباد ٿيڻ شروع ٿي ۽ پوءِ واهڻن، ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رهڻ لڳي ته انهن جي زندگيءَ جون ضرورت مٽجي ويون. انسان ذآت اڳتي هلي سِرن ٺاهڻ ۽ باهه کي ڳولي لهڻ، پوءِ سِرن کي پچائي جٽادار گهر ٺاهڻ جو هنر ايجاد ڪيو ۽ باهه مان رڌپچاءُ جو ڪم پڻ وٺڻ شروع ڪيو ۽ ائين تهذيبن کي اوج ملڻ شروع ٿيو.

موجوده تهذيبن جي شروعات حضرت نوح عليہ السلام جي طوفان بعد شروع ٿي. جنهن جو علائقو بابل هو.(1) ان جو ٻيڙو جودي جبل تي لنگر انداز ٿيو، جيڪو موجوده عراق جي موصل واري علائقي ۾ واقع آهي. عراق جي دجله ۽ فرات دريائن ڪناري آباد ماڻهن جي تهذيب کي بابل جي تهذيب چئبو آهي. ۽ دنيا جي مڙيئي مورخ

(Historian) بابل کي دنيا جي قديم تهذيب قرار ڏين ٿا. بابلي تهذيب کان سواءِ مصري، سنڌي، يوناني، هندي، رومي، چائني، ايراني پڻ دنيا جون قديم تهذيبون آهن.

## قديم سنڌي تهذيب:

دنيا ۾ جيڪي قديم تهذيبون آهن، انهن جو وجود ڪنهن نہ ڪنهن وڏي ۽ تاريخي درياءَ ڪناري مليو آهي. برصغير پاڪ و هند ۾ سنڌو ندي ۽ گنگا ندي اوائلي ۽ قديم دريائن مان آهن. جيڪي ماڻهو سنڌو نديءَ ڪناري آباد هئا، انهن جي ملڪ کي سنڌ چيو ويو ۽ گنگا ڪناري رهندڙ ماڻهو جيڪي گهڻو ڪري هندو ڌرم جا مڃيندڙ هئا، انهن جي ملڪ تي نالو هندوستان پيو، سنڌ جي رهاڪن جي تهذيب ۽ ثقافت کي سنڌي ۽ هند جي رهاڪن جي تهذيب کي هندي تهذيب چئجي ٿو. انهيءَ باري ۾ مورخ اي ايل باشم لکي ٿو تہ، ”ڪڪرن جي موسم ۾ اتر اولهہ کان هوا جا جهوٽا ٿڌ ڪٽي پهاڙن جي حوالي ڪن ٿا. جتان گرم موسم ۾ اها برف پگهرجڻ بعد سنڌو ۽ گنگا ندي سان اچي ملي ٿي. انهن ٻن دريائن مان سنڌوءَ واري تهذيب قديم تهذيب آهي.“(2)

اڳين قومن جي تهذيب، ڪلچر ۽ مذهب جي ڄاڻ جو گهڻو مدار ملندڙ قديم آثارن تي آهي، ۽ موهن جو دڙو دنيا جي قديم ترين آثارن مان آهي. موهن جي دڙي مان ملندڙ آثارن مان خبر پوي ٿي تہ قديم سنڌ جا ماڻهو ترقي يافتہ، بلند اخلاق ۽ مذهبي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۾ اڳڀرا هئا.

سنڌي تهذيب جي قدامت جي باري ۾ محقق هن ڳالهہ تي تقريباً متفق آهن تہ موجوده تهذيب 3000 (ٽي هزار) قبل مسيح قديم آهي. تاريخدان ايس ناترجن لکي ٿو تہ، ”سر جان مارشل جي خيال ۾ موهن جو دڙو جي تهذيب 2750-3250 قبل مسيح ۾ وجود ۾ آئي. جڏهن تہ مشهور محقق ڊاڪٽر مئيڪي جو خيال آهي تہ اها تهذيب 2550-2750 قبل مسيح دوران شروع ٿي. (3) جڏهن تہ محقق ايچ ٽي لمبرڪ جو خيال آهي تہ موهن جي دڙي جي تهذيب 2700-.3200 قبل مسيح دوران وجود ۾ آئي. (4) مطلب تہ محققن جي تحقيق مان معلوم ٿئي ٿو تہ موجوده سنڌ جي تهذيب 3000 قبل مسيح جي لڳ ڀڳ وجود ۾ آئي، جيڪا دنيا جي قديم تهذيبن مان آهي. (5)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## قديم سنڌ جي مذهب ۾ عورت:

قديم سنڌ جا ماڻهو هندو، ٻُڌ ۽ جين مذهب جا مڃيندڙ هئا. جين مذهب کي خاطر خواهه پذيرائي حاصل نه ٿي، البت هندو ۽ ٻُڌ مذهبن کي وڏي وسعت ملي.

سنڌ ۾ جڏهن ٻُڌ مذهب جو زور هو ته ان دوران ئي هندو مذهب کي وڏي پذيرائي ملي. ميرپورخاص جي ڀرسان "برهما" جو پتل وارو مجسمو مليو آهي جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي تهذيب وانگر ٻُڌمت ۽ هندو ڌرم سنڌ جا قديم مذهب آهن.(6)

ٻُڌ ۽ هندو مذهبن ۾ بُتن جي پوڄا ڪئي ويجي ٿي ۽ بُتن مان وري ماتا ديوي جي مجسمي کي وڏي اهميت حاصل آهي. قديم دور ۾ موهن جي دڙي مان جيڪي مجسما مليا آهن انهن ۾ هڪ ماتا ديويءَ جو مجسمو پڻ شامل آهي، جنهن مان خبر پوي ٿي ته موهن جي دڙي واري تهذيب ۾ ماتاديوي جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. ماتا ديوي سان گڏ ٻيا به ڪيترائي مجسما مليا آهن.(7)

هندو مذهب ۾ لڪشمي (دولت) ديويءَ جي پوڄا ڪئي ويجي ٿي. هندو مذهب جا پيروڪار سمجهن ٿا ته لڪشمي ديوي جي راضي ٿيڻ سان مال ۽ دولت ۾ اضافو ٿئي ٿو. هندن جو عقيدو آهي ته لڪشمي ديوي "پپر" جي وڻ ۾ اچي واس وٺندي آهي. انهيءَ ڪري هندو مذهب جا ماڻهو "پپر" جي وڻ جي پڻ پوڄا ڪندا آهن. موهن جي دڙي مان مليل آثارن ۾ هڪ مُهر ملي آهي جنهن ۾ زمين تي رکيل هڪ ٿالهي ڏيکاري وئي آهي ۽ ان ٿالهيءَ ۾ پپر جي وڻ جون به شاخون ڏيکاريل آهن. انهيءَ ٻنهي شاخن جي وچ ۾ هڪ ديويءَ جي تصوير آهي، جنهن جي مٿي تي سڱ آهن ۽ ان جي سامهون هڪ عورت کي سجدي ڪرڻ واري انداز ۾ ڏيکاريو ويو آهي. ديوي توڙي پوڄارڻ جا وار ڊگها آهن ۽ انجي ٻانهن ۾ چوڙيون پاتل آهن. ان تصوير جي هيٺان عورتن جي شڪلين جي هڪ قطار ڏيکاريل آهي. اهي تصويرون ستن جي طلسمي انگ تي ٺاهيل آهن. ماهرن جو خيال آهي ته هي شايد ماتا ديوي ۽ انجي ڀينرن جو منظر پيش ڪن ٿيون.(8)

موهن جي دڙي واري تهذيب کان گهڻو پوءِ جڏهن سنڌ ۾ ڌارين قومن جي آمد ٿي ته انهن جي تهذيب، ڪلچر، مذهب جو اثر مقامي ماڻهن تي پيو. هن سرزمين تي آرين، سامي، منگول ۽ نيگرو آسٽرلائيڊ ماڻهن جي اچڻ کان اڳ هڪ مهذب ۽ ترقي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

يافتہ معاشرو قائم هو. دراوڙي نسل جي ماڻهن سنڌ ۾ اچي مقامي ماڻهن سان ملي حڪومت قائم ڪئي، جنهن ڪي 1800 سالن تائين عروج حاصل رهيو. پوءِ آريا قوم جي جنگجو ماڻهن هنن ڪي شڪست ڏني. آرين جي فتح بعد آرين ۽ اڳوڻي تهذيب ۽ ڪلچر جو گڏيل هڪ نئون معاشرو وجود ۾ آيو.(9)

مطلب تہ سنڌ تي ٻاهرين قومن جي ڪاهن سبب هتي ڪافي مذهبي ۽ سماجي تبديليون آيون ۽ پوءِ هڪ نئون معاشرو وجود ۾ آيو، جنهن ۾ پڻ وقت جي لاهن چاڙهن ڪري تبديلي ٿيندي رهي آهي.

## قديم سنڌ ۾ عورتن جي سماجي زندگيءَ جو جائزو:

قديم سنڌ ۾ ديوين جي وڏي پيماني تي پوڄا ڪئي ويندي هئي، جنهن مان عورتن جي سماجي اوسر ۽ اهميت جو اندازو ٿئي ٿو. هتي مردن ۽ عورتن ڪي سماج ۾ لڳ ڀڳ هڪ جيتري اهميت حاصل هئي ڇو تہ انساني نسل جي واڌ ويجهہ مرد (مڙس) ۽ عورت (زال) جي ملڻ سان ٿئي ٿي. جيئن قرآن مجيد ۾ الله جو فرمان آهي تہ، ”اي انسانو! مان توهان ڪي هڪ مرد (حضرت آدمؑ) ۽ عورت (بي بي حوا) مان پيدا ڪيو آهي.(10) ۽ عورتن جي اهميت جي پيش نظر سڀني مذهبن ۽ الهامي ڪتابن ۾ڪين عزت ۽ احترام بخشيو ويو آهي. آڳاٽي دور توڙي موجوده دور ۾ سنڌي تهذيب ۾ عورتن ڪي وڏو مانُ ۽ مرتبو حاصل رهيو آهي. شاعرن جي سرتاج حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ کان موجوده دور تائين سڀني شاعرن عورت ڪي پنهنجي شاعريءَ ۾ مانُ ۽ ٻيتا ڏني آهي.

سيل ڀڃڻ جي، سومرا! مون ڪي مت م آڇ، مير!،
ٿورين گهٽين ڏينهڙين، ويندس هت، همير!،
مڇن منجهہ ملير، ڪنڌ مٽانهون نہ ڪٽا.(11)

سماج ۾ عورتن ڪي مردن جيتري آزادي حاصل هوندي هئي. اهي مڙس اڳيان سر نوائيندڙيون هيون ۽ سندس ڇيو مڃيندڙيون هيون پر اهڙي روش هلڻ ڪري انهن جي مرتبي ۽ حيثيت ۾ گهٽتائي ڪونہ ايندي هئي. قديم وقت ۾ ڇو تہ عورتون اعليٰ اخلاق واريون هونديون هيون ان ڪري نہ صرف گهرياتي پر ڏاريا بہ سندن عزت ۽ احترام ڪندا هئا. (12) قديم سنڌي سماج ۾ دراوڙن ۽ آرين جي آمد کان اڳ بہ عورتن ڪي وڏي

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو ويندو هو ۽ آرين جي آمد بعد بہ ڪين گهر راڻي جي حيثيت حاصل هئي.(13)

ٻئي طرف تعليم جي ميدان ۾ قديم زماني کان سنڌي عورتن کي ڄاڻي واڻي پوئتي رکيو ويو آهي. توڙي جو سڀني مذهبن ۽ مهذب معاشرن ۾ تعليم مردن توڙي عورتن لاءِلازم قرار ڏنل آهي ۽ آخري پيغمبر حضرت محمد ڪريم ﷺ پڻ تعليم کي مردن ۽ عورتن لاءِ لازم قرار ڏنو آهي.(14) پر قديم زماني کان سنڌ ۾ ڇوڪرين جي تعليم کي معيوب سمجهيو ويندو هو. سنڌ ۾ ڇوڪرين جي تعليم جو رواج ڪونہ هو. ماضي قريب تائين بہ ڇوڪرين جي اسڪول ڏانهن وڃڻ کي عيب سمجهيو ويندو هو.(15) انگريزن جي قبضي کان پهريون تائين هتي ڇوڪرين توڙي عورتن جي تعليم جو ڪو بندوبست نہ هو ۽ تعليم جي ميدان ۾ هندو مسلمانن کان بہ پٺتي پيل هئا. هندن جا ٻار مسلمانن جي آخوندن وٽ وڃي تعليم حاصل ڪندا هئا.(16)

ارڙهين صدي جي پڇاڙي ۽ اڻويهين صدي جي شروعات ۾ ڇوڪرين ۽ عورتن جو تعليم ڏانهن رجحان وڌيو ۽ ڇوڪريون اسڪولن توڙي ڪاليجن ۾ تعليم پرائڻ لڳيون ۽ اهو سلسلو جيئن پوءِ تيئن ويو وڌندو، پر پوءِ بہ هن وقت تائين سنڌ اندر ڇوڪرن جي ڀيٽ ۾ ڇوڪرين جي تعليم ۽ خاص ڪري انهن جي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو تناسب گهٽ آهي. قريب زماني ۾ انهيءَ فرق ۾ خاطرخواهه ڪمي آئي آهي پر پوءِ بہ ڇوڪرن ڇوڪرين ۽ مردن عورتن جي تعليم حاصل ڪرڻ ۾ وڏو فرق موجود آهي، جنهن کي گڏيل جدوجهد ذريعي ختم ڪري سگهجي ٿو. علم جي اهميت کي ڪيترن ئي شاعرن پنهنجي شعر ۾ بيان ڪيو آهي. شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

علم باطن آهي مکڻ، علم ظاهر آهي ڪير،
ڪير ريءَ مکڻ نہ ٿيندو، شرع ري ٿيندو نہ پير.(17)

مرد ۽ عورت گڏجي زندگي گذارڻ جو جيڪو معاهدو ڪن ٿا، انکي شادي چئبو آهي. سمورن مذهبن ۽ مهذب معاشرن ۾ شاديءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي ۽ شادي ۽ مڙس جي چُونڊ ۾ قديم وقت دوران سنڌي عورتون بااختيار هيون. دراوڙي معاشري ۾ عورتن کي مرضيءَ کان سواءِ پرڻائڻ جو رواج ڪونہ هو ۽ ڪنوارين، بيوه ۽ مطلقہ عورتون پڻ بغير ڪنهن روڪ ٽوڪ جي شادي ڪنديون هيون.(18) حقيقت ۾ جن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معاشرن ۾ عورتن کي مڙس جي انتخاب ۾ اختيار حاصل هوندو آهي اهڙي معاشري ۾ شاديون بہ آساني سان ٿينديون آهن ۽ شايد ئي ڪا ڪنواري، مطلقہ يا بيوه عورت شاديءَ کان رهجي ويندي هجي.

آرين ۾ اڪثر ڪري ماڻهو هڪ شادي ڪندا هئا. البت راجا، امير ۽ سرنديءَ وارا ماڻهو هڪ کان وڌيڪ بہ شاديون ڪندا هئا. اڄ ڪلهہ وانگر انهن ۾ ننڍي هوندي جي شادي جو رواج ڪونہ هو.(19)

اڳاٽي زماني ۾ سنڌ واسين لاءِ ماءُ پيءُ، پيڻ پاءُ، پوٽي پوٽيءَ، ڏهٽي يا ڏهٽيءَ،پڦي يا ماسيءَ سان شادي ڪرڻ جي اجازت نہ هئي. البتہ سوٽ، ماسات يا ماروٽ سان شادي ڪرڻ جي اجازت هئي.(20) شريعت محمدي يعني اسلام ۾ بہ شاديءَ جي باري ۾اهڙو حڪم آيل آهي.(21)

البت هندو ڌرم جي عروج ۽ اسلامي فتوحات بعد مذهبي طور طريقن مطابق عورتن کي شاديءَ جي معاملي ۾ مردن جي رضامندي سان مشروط ڪيو ويو، جيڪو سلسلو اڄ تائين جاري آهي.

مڪيہ عهدي ماڻ جي خواهش مرد توڙي عورت ۾ٿئي ٿي ۽ قديم توڙي جديد دور ۾ عورتن جو سياست ۾ حصو مردن جي ڀيٽ ۾گهٽ رهيوآهي پر پوءِ بہ پوري دنيا ۾عورتون وقت بوقت حڪومت جي سربراهہ واري عهدي تي فائز رهيون آهن ۽ سنڌي تهذيب ۾ پڻ اهڙا مثال ملن ٿا.

سنڌ جي مشهور بادشاهہ دودي سومري جي وفات بعد سندس صغير پُٽ سنگهار کي پڳ ٻڌائي وئي تہ سنگهار جي صغيرپ ڪري حڪومت جو واڳون سندن ڀيڻ (دودي سومري جي نياڻي) تارا ٻائي سنڀاليون ۽ جڏهن سنگهار وڏو ٿيو تہ تارا ٻائي حڪومت انجي حوالي ڪئي. جڏهن سنگهار بنا اولاد مري ويو تہ ان بعد حڪومت جي تخت تي سندس زال همو ٻائي ويٺي.(22) تارا ٻائي ۽ همو ٻائي جي حڪومتي سربراهہ ٿيڻ واري واقعن مان خبر پوي ٿي تہ سنڌي سماج ۾ عورتون دنيا جي ٻين علائقن جي ڀيٽ وڌيڪ ترقي يافتہ رهيون آهن.

سنڌ ۾ انگريزن جي آمد بعد مردن سان گڏ عورتن بہ سياسي سرگرمين ۾ چڱيءَ ريت حصو وٺڻ شروع ڪيو. 1919ع ۾ خلافت تحريڪ ۽ 1930ع ۾ ڪانگريس جي ساليانہ اجلاس جي موقعي تي عورتن ڀرپور حصو ورتو ۽ 1932ع واري هلچل ۾ پڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عورتون ججهي تعداد ۾ موجود هيون.(23) قريب زماني ۾ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ ٻہ دفعا ملڪ جي وزيراعظم رهي چڪي آهي. شهيد راڻي جي ان عهدي تي فائز ٿيڻ بعد سنڌ جي عورتن ۾ سياسي ۽ سماجي ميدان ۾ پنهنجي حيثيت مڃائڻ جو هڪ نئون اُتساهہ پيدا ٿيو آهي.

ڏٺو ويو آهي تہ سنڌ ۾ باقاعده پردي جو رواج ڪڏهن ڪونہ رهيو ڇو تہ هتي زرعي سماج هو، البت وڏ گهراڻيون عورتون پنهنجي جسم تي وٽندڙ لباس پهري هڪ ئي وقت ستر پوش ۽ خوش پوشاڪ هجڻ جو پئي اظهار ڪنديون آهن ۽ قديم زماني کان ڌرمن جا پيروڪار حڪمران طبقن جا ماڻهو پنهنجي عورتن لاءِ پردي جا قائل رهيا آهن. سنڌ ۾ قديم زماني کان عورتون وڏيون سٿڻيون، پڙا، چوڙيدار سلوارون، وڏيون چادرون، اجرڪ ۽ برقعا اوڍينديون هيون.(24) سنڌ جي ميرن ۽ ٻين ڪيترن ئي بلوچ توڙي سماٽن جون عورتون برقعن بدران رئي مٿان اڇي چادر يا اجرڪ اوڍينديون هيون.(25) سنڌ ۾ شاهوڪار ۽ معزز گهراڻن ۾ جيئن سيد، مغل، ڪجهہ ٻروچ ۽ خاص ڪري ٽالپرن ۾ پردي جو باقاعده انتظام ڪيو ويندو هو ۽ انهن جي زالن جي منهن ڏسڻ جي ڪنهن کي بہ اجازت نہ هوندي هئي.(26) البتہ بعض راجائن ۾ پردي جو رواج ڪونہ هوندو هو ۽ جيڪي ماڻهو انهن جي درٻار ۾ ايندا هئا، اهي راڻين کي ڏسي سگهندا هئا.(27) ميرن جي دور ۾ عورتون گربيءَ جي سٿڻ ۽ ريشم جا ڀرت ڀريل يا زريءَ تي ڀريل چولا پائينديون هيون.(28)

هتي انگريزن جي قبضي بعد جيئن اولهہ جي ڪلچر ۾ اضافو ٿيو، تيئن ئي ان طبقي جي ڇوڪرين ۽ عورتن مان پردي جو رواج ويو گهٽبو.(29)

باقي عورت سونهن ۽ سوڀيا جي علامت آهي. ۽ هار سينگار ۽ زيور استعمال ڪرڻ ڪيس ئي جڳائن ٿا. قديم سنڌ ۾ سرنديءَ واريون عورتون هيرا جواهر ۽ سون استعمال ڪنديون هيون. غريبن توڙي گهٽ آمدنيءَ وارن جون زالون چاندي، پتل وغيره جي ٺهيل زيورن ۽ عام چوڙين سان پنهنجي بدن کي سينگارينديون هيون. اهڙيءَ ريت ململ ۽ مخمل جو ڪپڙو سندن خوبصورتيءَ ۾ اضافي جو باعث بڻجندو هو. عورتن ۾ اڪثر ڪري هسي، ٻانهن رکيون، بازوبند، منڊيون، واليون ۽ چوڙين وغيره جو استعمال عام هو. ان زماني ۾ عورتن سان گڏ مرد بہ زيور استعمال ڪندا هئا.(30)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌو درياءَ يا واهن جا ڪنارا سيرتفريح، وهنجڻ ۽ڪپڙي لٽي ڌوئڻ لاءِ استعمال ٿيندا هئا ۽ مردن سان گڏ عورتون به واهن يا درياءَ ڪناري پٽي ايندبون هيون ۽ ڪٿي وري عورتن لاءِ خاص تلاءَ يا حوض ٺاهيا ويندا هئا. موهن جي دڙي مان جيڪي آثار مليا آهن انهن ۾ هڪ حوض به شامل آهي، جيڪو پاڻي جمع ڪرڻ سان گڏوگڏ وهنجڻ وغيره لاءِ پڻ استعمال ٿيندو هوندو.

پاري نگر جي سيٺين وڏي خرچ سان هڪ تلاءُ نالي ”ڪاجلا سر“ ٺهرايو هو، جتي پاري ننگر جون عورتون اچي منهن ڌوئينديون هيون ۽ انهن جي نيٽن ۾ ايترو ڪجل پاتل هوندو هو جو سمورو تلاءُ رنگجي ويندو هو.(31) ڦليلي واهه تي عورتن ۽ خاص ڪري هندو عورتن لاءِ اشنان گهاٽ هوندو هو جتي اهي اچي ڪپڙو لٽو ڌوئنديون هيون ۽ اشنان پڻ ڪنديون هيون. انهيءَ جي پرسان مردن جو علحده اشنان گهاٽ هو ۽ اونهاري جي موسم ۾ انهن ٻنهي گهاٽن تي وڏي رونق هوندي هئي.(32) هڪ انگريز مورخ رچرڊ برٽن پنهنجي قافلي سان جهرڪن وٽ پهتو ته ان سان گڏ سفر ۾ انگريز عورتون به شامل هيون. جڏهن اهي سنڌو درياءَ جي وهڪري پرسان هڪ تلاءُ ۾ وهنجڻ لڳيون ته ماڻهو لڪي ڇپي انهن کي ڏسڻ لڳا.(33)

موسيقي ڪيترن ئي ماڻهن لاءِ راحت ۽ سڪون جو سبب ٿئي ٿي ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي محفل کي چار چنڊ تڏهن لڳن ٿا جڏهن انهيءَ ۾ رقص به ڪيو وڃي. ڏٺو وڃي ته فن موسيقي برصغير مان شروع ٿيو ۽ هتي ئي ڪيس عروج حاصل ٿيو. هندو مذهب جا پيروڪار ديوين ۽ ديوتائن جي بُتن اڳيان ناچ ۽ راڳ ڪندا هئا. ناچ ۽ ڳائڻ لاءِ مندرن اندر ديوداسيون رکيل هونديون هيون.(34) موهن جي دڙي مان به اهڙا مجسما مليا آهن جيڪي غالباً ان دور جي ماهر ڳائڻين ۽ ناچڻين جا آهن. اهي آثار ثابت ڪن ٿا ته اڄ کان پنج هزار سال اڳ سنڌ جيئن هنر ۽ فن جي ٻين شعبن ۾ ترقي يافته هئي، تيئن راڳ ۽ رقص جو فن پڻ اوج تي هو.(35) سنڌ جون ناچڻيون ڏاڍيون خوبصورت ۽ حسين هونديون هيون. اهي ناچ دوران مڌ جو چڪو به چاڙهينديون هيون، جنهن ڪري انهن جا لنڱ ۽ لونءَ نچڻ لڳندا هئا.(36) بادشاهن وٽ ناچ گاني جي محفلن جو سجڻ عام هوندو هو. جڏهن سنڌ جي ميرن مرزا خسرو بيگ کي 1823ع ۾ بمبئي جي گورنر ڏانهن موڪليو ته هڪ پيري ناچ گاني جي محفل ۾ گورنر جي زال به حصو ورتو. مرزا خسرو بيگ مٿس هڪ هزار رُپين جي گهور ڪئي ته گورنر کيس ڇيو گهور ڪرڻ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

اسانجي ريتن رسمن ۾ شامل نہ آهي. تنهن تي مرزا اختيار ڪيس چيو تہ اوهان جي ريتن ۾پيل شامل نہ هجي پر اسانجي ريتن ۾ تہ شامل آهي.(37) ائين ئي ناچ ڳاني جي محفلن ۾ ماڻهو سرور حاصل ڪرڻ سان گڏ دولت بہ پيا لٽائيندا هئا ۽ پيسن گهور ڪرڻ ۾ مالدار ماڻهو جو هڪ ٻئي سان مقابلو هوندو هو ۽ نچڻ ڳائڻ وارن جو گهٽو ٽٽو سفر گذر ماڻهن جي گهور تي هوندو هو.

مياں نور محمد ڪلهوڙي جي زال مائي گلان لاءِ مشهور آهي تہ اها هڪ ڳائڻي هئي. پوءِ ميان صاحب ان سان نڪاح ڪيو هو جنهن مان ڪيس ميان غلام شاهہ ڪلهوڙو اولاد ٿيو، جيڪو پڻ اڳتي هلي سنڌ جو حڪمران بڻيو. مائي گلان کي ناچ ڳاني ۾ وڏو ڪمال حاصل هو ۽ هوءَ هر جمعي رات حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ جي درٻار ۾ اچي ناچ ڪندي هئي.(38)

قديم زماني کان بادشاهہ، جاگيردار، زميندار ۽ واپاري زمين تي هلندڙ ڦرندڙ هر شيءِ جانور، هاري ۽ سندس زال کي پنهنجي ملڪيت تصور ڪندا هئا.(39) روايت آهي تہ سنڌ ۾جڏهن الور تي دلور راءِ بادشاهہ جي حڪومت هئي تہ هن بہ سومرن حڪمرانن جي بداخلاقي ۽ بيحيائيءَ جي پيري ڪندي هڪ پرڏيل بديع الجمال عورت کي زوري کڻڻ جي ڪوشش ڪئي تہ ان مظلومہ ٻي واهہ نہ ڏسندي پنهنجا هٿ رب جي بارگاهہ ۾ بلند ڪيا، رب تعاليٰ مظلومہ جي دعا قبول ڪئي ۽ عذاب الاهي سان الور ۽ برهمڻ آباد تباهہ ۽ برباد ٿيا.(40) انهيءَ واقعي کي تاريخدانن مختلف نمونن سان آندو آهي. ڪن محقق جو خيال آهي تہ بديع الجمال جي آهہ و پڪار تي درياءَ پنهنجو رُخ مٽايو ۽ڪي وري چون ٿا تہ درياءَ مرڳو اوپارو وهي وڏي تباهي ۽ بربادي برپا ڪري ڏني هئي.

اسلامي تاريخ جو هيءُ مشهور واقعو آهي تہ جڏهن حضرت ابراهيم عليہ السلام پنهنجي گهر واري بي بي سارا ۽ ڀائٽي لوط عليہ السلام سان گڏ سفر ڪندي مصر پهتا تہ اتان جي ظالم بادشاهہ بي بي صاحبہ ۾ بري نظر وڌي. حضرت ابراهيم عليہ السلام کي بادشاهہ جي اهڙي ڪڌي ارادي جي خبر پئجي وئي، پاڻ بي بي صاحبہ سان گڏجي رب کان دُعا گهريائون،جيڪا بارگاهہ الاهي ۾قبول پئي ۽ بي بي صاحبہ جي عزت ۽ عصمت سلامت رهجي وئي.(41)

سنڌ جي تاريخ ۾ هيءُ مشهور واقعو آيل آهي تہ جڏهن نائين صدي هجري ۾

عمر بادشاهہ ٿر جي هڪ پرڙيل ناري مارئي کي ڪٽي اچي پاڻ وٽ عمر ڪوٽ ۾ رهايو ۽ عمر جي حيلن بهانن ۽ لالچن باوجود هُن پنهنجي عزت ۽ عصمت کي سلامت رکيو تہ مجبور ٿي عمر بادشاهہ کيس پنهنجي مائٽن حوالي ڪيو. جڏهن مارئي مڙس وٽ پهتي تہ اهو توڙي ٻيا قريبي رشتيدار کيس نفرت جي نگاهہ سان ڏسڻ لڳا ۽ کيس طعنا تنڪا ملڻ لڳا. نيٺ مجبور ٿي مارئي باهہ جو مچ تيار ڪرائي ان ۾ ٽپو ڏئي پنهنجي پاڪدامن هجڻ جو ثبوت ڏنو. ان بعد مائٽن جا شڪ شبها دور ٿيا ۽ مڙس ساڻس کير کنڊ ٿي پيو.(42)

مارئي کي عمر بادشاهہ جيڪي آڇون ڪيون، هن انهن سڀني کي ٺڪرائي ڇڏيو. مارئي جي انهيءَ عظمت کي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيؒ پنهنجي رسالي ۾ هن طرح آندو آهي:

سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون،
پٽولا پنهوار کي، عمر! آڇ م مون،
ور لوئيءَ جي لون، ڏاڏاڻن ڏنيام جا.(43)

عمر مارئي وارو قصو هندو ڌرم جي مشهور واقعي راوڻ ۽ سيتا ديوي واري واقعي سان ڪافي حد تائين ملي ٿو. جيئن راوڻ جي قيد مان آزاد ٿيڻ بعد ماڻهو سيتا ديوي جي پاڪدامن هجڻ تي شڪ ڪرڻ لڳا هئا، تيئن شڪي مزاج ماڻهن مارئي جي عزت ۽ عصمت تي بہ آڱريون کنيون هيون.

سنڌ جي سومرن جو هيءُ واقعو بہ لازوال آهي تہ جڏهن دودي ۽ چنيسر جو پاڻ ۾ پڳ تان تڪرار ٿيو تہ چنيسر مدد لاءِ سلطان علاءُ الدين کي چيو، جنهن وڏو لشڪر انجي مدد لاءِ روانو ڪيو. ان وقت سومرن جون عورتون پنهنجي عزت ۽ عصمت بچائڻ لاءِ ڪڇ علائقي جي سمي ابڙي وٽ وڃي سام ٻٽيون، پوءِ جڏهن علاءُ الدين جو لشڪر اوڏانهن ويو تہ انهن پنهنجي عزت ۽ عصمت جي سلامتي جو ڪو چارو نہ ڏسندي رب پاڪ کي ٻاڏايو، ڌرتي ڦاٽي پئي ۽ زمين انهن سورمين کي پنهنجي جيءَ ۾ محفوظ بڻائي ڇڏيو.(44)

ڪنهن دؤر ۾ سنڌ ۾ ڪي عورتون ظالم معاشري طرفان مڙس جي چتا سان گڏ ساڙي ستيون ڪيون وينديون هيون. ڪي روايتون وري مختلف بہ آهن جيئن ستي برهمڻي جو واقعو مشهور آهي تہ پارڪر جي ٺڪرن زور ۽ ڌٻڌٻي تي برهمڻي ٻي ٻي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي عصمت دري جي ڪوشش ڪئي ته پاڻ کي جلائي هوءَ ستي ٿي وئي، ۽ پوئين کي پارت ڪري وئي ته منهنجي پسمر ٿيڻ واري جاءِ تي چنڊ ۽ تارن جا نشان ڪري ڇڏيو ته جيئن ايندڙ نسلن ۾ منهنجي پويترپڻي جي ساک سج ۽ چنڊ پريندا رهن ۽ ظالمن تي ملامت ۽ لعن طعن جو سلسلو قائم رهي.(45)

سنڌ جي تاريخ جو هيءُ واقعو پڻ مشهور آهي ته جڏهن ميان سرفراز کي ٽالپرن قيد ڪيو ته انهن ميان ڪلهوڙي جي وني سونيتي (سنڌ راڻي) کي حوالي ڪرڻ جي انجي پيءُ کان گهُر ڪئي. سونيتي بي بي جو پيءُ جيڪو پاڻ هڪ وڏيرو ۽ وڏي دٻدٻي جو مالڪ هو، ان ميان عبدالنبي کي سونيتي حوالي ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ پاڻ لاءِ موت کي قبول ڪيو ۽ هميشه لاءِ امر بڻجي ويو.(46)

هڪ طرف مارئيءَ جو قصو گذري آيو ته هن عمر بادشاهه جي لوڀ لالچ، راڻي بڻجڻ ۽ بين عيش عشرت وارين پيشڪشن کي پٺيءَ پويان اڇلائي پورو سال پنهنجي عزت ۽ عضمت جي حفاظت ۾ گذاريو ته ٻئي طرف راءِ ساهسيءَ جي گهر واري راڻي سونهن ديوي ڇچ وزير جي عشق ۾ گرفتار ٿي پنهنجي ۽ مڙس جي عزت کي داءُ تي لڳائي ڇڏيو.

راءِ ساهسيءَ جي زال سونهن ديوي ڇچ وزير کي چيو ته، تنهنجي پنبڻين جي تير منهنجي دل کي ڦٽي وڌو آهي. ۽ تنهنجي جدائي جو زنجير منهنجي ڳچيءَ جو ڳٽ ٿي پيو آهي. مون کي اميد آهي ته تون پنهنجي وصال جي دواخاني مان منهنجو علاج ڪندين، ۽ همدرديءَ جي هٿ سان اهو ڳٽ منهنجي ڳچيءَ مان کولينداين، ۽ جيڪڏهن تون منهنجو هي غرض قبول نه ڪيو ته پوءِ مان پاڻ کي ماري ڇڏيندس، پر ڇچ وزير پنهنجي بادشاهه جي نمڪ حلالي ڪندي سونهن ديويءَ جي اهڙي پيشڪش کي قبول نه ڪيو. ڇچ جي اهڙي ڪردار کان متاثر ٿي راڻي سونهن ديوي راءِ ساهسيءَ جي وفات بعد حڪومت جون واڳون ڇچ حوالي ڪيون.(47) راءِ ساهسيءَ جي فوت ٿيڻ بعد سندس زال سونهن ديوي جي ڇچ وزير سان شادي ٿي جنهن مان راجا ڏهر، ڏهر سينه ۽ هڪ نياڻي مايين پيدا ٿيا.

ڪي مرد ميان عبدالنبي جهڙا نياڻين جي عزت عصمت جي حفاظت ڪندي ماريا ويا ته ڪي عيار ۽ ابن الوقت پنهنجي غليظ ۽ ناپاڪ ارادن جي پورائي لاءِ هر اهو ڪڌو ڪم ڪندا هئا جيڪو ڪنهن به ساجاهه وند ماڻهو کي نه ٿو سونهين. جڏهن دودي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ چنيسر جي حڪومت جي واڳن سنڀالڻ واري ڳالهہ تي اٽڪٽ ٿي تہ چنيسر وڃي دهليءَ جي بادشاهہ علاءُالدين وٽ پهتو ۽ ڪيس پنهنجي ڀيڻ ٻاگهيءَ جي سڱ ڏيڻ جي لالچ ڏئي پنهنجي مدد لاءِ آماده ڪيو. علاءُ الدين ٻاگهي ٻي ٻي ۽ سنڌ جي قبضي ڪرڻ لاءِ اچڻ ۾ دير ئي نہ ڪئي ۽ پوءِ سنڌ ۾ وڏي تباهي مچي وئي. (48) تقريباً ڏهين صدي هجري ڌاري سنڌ جي ٿر واري علائقي ۾ مهر قوم جي راجائن جي حڪومت هئي. ان وقت ڪڇ جو راءِ لاکو ڦلاڻي هو ان مهرن تي ڪاهہ ڪئي تہ مهر راجائن پنهنجي هڪ حسين جميل ڇوڪري مهر ڪماريءَ جو سڱ ڪيس آڇيو جيڪو هن قبول ڪيو.(49) ائين ئي مهر راجائن، راءِ لاکي ڦلاڻي ڪان جان ڇڏائي.

ڪنهن دور ۾ سنڌ ۾ عرب جاهليت وانگر قديم سنڌي تهذيب ۾ بہ عورتون ورثي جي حق ڪان محروم هيون. ملڪيت جا مالڪ صرف مرد ٿيندا هئا، ڪين ملڪيت رکڻ جي بہ اجازت نہ هئي. عورتن کي جيڪي ڳهہ ڳٺا ملندا هئا انهن تي بہ مردن جو حق هوندو هو. البتہ صغير ٻارن کي ملڪيت ۾ حق ڏنو ويندو هو.(50)

1934ع ۽ 1945ع ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ عورتن جي حقن جي حوالي سان آل انڊيا وومين ڪانفرنسون منعقد ٿيون جنهن ۾ انهن ٻين حقن سان گڏوگڏ موروثي ملڪيت ۾ حصي واري حق جو بہ مطالبو ڪيو هو.(51)

سنڌ ۾ عورتن کي ملڪيت ڪان محروم رکڻ وارو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. تمام ٿورن خاندانن ۾ عورتن کي مال ملڪيت مان حصو يا ورثو ملي ٿو. ورنہ اڪثر ڪري مرد (پيئر، مڙس ۽ ڀيا ويجها مائٽ) انهن ڪان پنهنجو حصو دوکي ۽ فريب سان معاف ڪرائن ٿا يا ڪٿي وري ڪين سمڪ ئي نہ ٿي پوي ۽ سموري ملڪيت لڪ ڇپ ۾ مرد پنهنجي نالي تي ڪرائي ڇڏين ٿا. ۽ دنيا جي ٻين خطن وانگر سنڌ ۾ بہ پراڻي زماني ۾ مردن توڙي عورتن ۽ خاص ڪري عورتن کي غلام بڻائڻ جا اهڃاڻ ملن ٿا، سنڌ ۾ ٻين علائقن ۽ خاص ڪري اولهہ پاسي (افغانستان وغيره) جا ماڻهو اچي ٻار ۽ عورتون وڪرو ڪندا هئا ۽ عورتون سرنديءَ وارن جي حرم ۾ داخل ٿي ويندي‌ون هيون.(52) عام تاريخي ڪتابن ۾ آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم سنڌ تي ڪاهہ ڪئي تہ ان وقت ڪيس ديبل مان سوين عورتون هٿ آيون هيون، جن کي غلام بڻائي خليفي جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويو، جنهن کي عام اصطلاح ۾ غلام (ڪنيز) چئبو آهي.(53)

باقي قديم زماني ڪان جيئن هلندو ٿو اچي تہ گهر جو ڪم ڪار ۽ ڪاڌ خوراڪ

تيار ڪرڻ، ٻارن جي پرورش پالنا ڪرڻ، مرد (مڙس) جي غير موجودگيءَ ۾ مال ۽ ملڪيت ۽ گهر جي سار سنڀال لهڻ عورت (زال) جي ذميواري هئي ۽ سنڌي عورتون پنهنجي گهرو ذميوارين کان بخوبي واقف هيون ۽ اهي پنهنجون ذميواريون چڱيءَ ريت پوريون ڪنديون هيون. عورتون گهر ۾ ڏڌ ولوڙڻ، سُٽ ڪتڻ، اَن ڇڙڻ جهڙن ڪمن ۾ مصروف رهنديون هيون. (54) اهي چرخو هلائڻ، پرت پرڻ، ٽوپو ڏيڻ، اڳٹ ۽ سڳيون ٺاهڻ جون ماهر هونديون هيون. سهٽيون سيبتيون سنڌي عورتون پيون پورهيو ڪنديون هيون، گهر ۾ جانورن جي گاهه پٺي ۽ وٿاڻن جي صفائي جو ذمو بہ انهن تي هوندو هو.(55) سنڌ ۾ مهاڻن جا مڏ ۽ مياٽيون مشهور آهن. مردن سان گڏ عورتون بہ ٻيڙين هلائڻ ۽ مڇي مارڻ ۾ پنهنجي مردن سان ائين ٻِٽ هونديون آهن جيئن خميس سان گڏ جمعي جو ڏينهن.(56)

اڪثر سماجن ۾ مردن جي گهر کان ٻاهر وارن ڪمن ڪارن سرانجام ڏيڻ ڪري ڪين اهم سمجهيو وڃي ٿو ۽ عورتن جي صرف گهريلو ڪم ڪار ڪرڻ ۽ چار ديواري اندر هجڻ ڪري انهن کي غير اهم سمجهيو وڃي ٿو، جيڪا ڳالهه بلڪل غلط آهي ۽ اهڙي عمل ڪري عورتن ۾ احساس ڪمتري پيدا ٿئي ٿي. عورتن جي اهڙي احساس ڪمتري کي ختم ڪرڻ لاءِ انهن کي گهر جي ڪمن ڪارين واري ذميواري سان گڏ ٻاهر جي ڪمن ڪارين ۾ بہ شامل ڪيو وڃي تہ جيئن انهن کي سماج ۾ مساوات حاصل ٿئي.

حاصل مطلب هيءُ آهي تہ جيترو سنڌو درياءَ قديم آهي اوتري ئي سنڌي تهذيب ۽ ڪلچر قديم آهي ۽ سنڌو درياءَ رهندي دنيا تائين جاري رهندو. قديم سنڌ وارا ٻُڌ، هندو ۽ جين مذهب جا پيروڪار هئا، پوءِ جڏهن اسلام جي شمع روشن ٿي تہ ٻين علائقن وانگر سنڌ ۾ ان جا رحمت ۽ برڪت پريا ڪرڻا پيا ۽ ماڻهو اسلام جي ڇانو ۾ اچي ويا ۽ هاڻِ سنڌ ۾ رهندڙ ماڻهن مان تقريباً نوي سيڪڙو مسلمان آهن.

موجوده زماني جي عظيم انقلابي عورت اڳواڻ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ جو تعلق بہ سنڌ سونهاري سان هو. هوءَ ٻہ دفعا ملڪ جي وزيراعظم رهي ۽ سنڌ راڻي (بينظير ڀٽو صاحبہ) ماڻهن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندي جام شهادت نوش ڪيو.

اسلام جي صحيح تعليم عام ٿيڻ ۽ اولهہ جي تهذيب جي پروان چڙهڻ بعد قديم زماني کان سنڌ ۾ عورتن سان ٿيندڙ ظلم ۽ زيادتين ۾ گهٽتائي آئي آهي ۽

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

معاشري ۾ انهن جي عزت ۽ وقار ۾ اضافو ٿيو آهي. پر اڃا بہ عورتن جي حقن لاءِ جاکوڙ ۽ قانون سازي جي وڏي ضرورت آهي.

اميد ڪريون ٿا تہ سنڌ جا ساڃاهہ وند ۽ مثبت سوچ رکڻ وارا ماڻهو آبادي جي اڌ حصي يعني عورتن جي حقن لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا، جنهن جو لاڀ سموري سماج کي حاصل ٿيندو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون


1. سميري ۽ آشوري تهذيبون بہ بابل جي علائقي ۾ واقع هيون. سميري تهذيب بابت محقق حبيب الله صديقي لکي ٿو، ”عراق جي ڏاکڻي شهر ”حلاوه“ کان بلڪل اتر طرف فرات نديءَ جي ڪناري تي هڪ قديم بستي قائم هئي، جتي سميري قوم آباد هئي.“ (صديقي، حبيب الله، ”انسان جي تاريخ“، جلد پهريون، ڄامشورو: حبيب صديقي اڪيڊمي، ص: 200)
2. باشم، اي ايل، ترجمو گاڏهي، همسفر، ”هندستاني تهذيب جي ڪٿا“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، سال 2004ع، ص: 11.
3. Nataragan. A, “Main currents in Indian Culture”, Hyderabad Dukkan (India): Institute of India - Middle East Cultural Stadies Agapura.
4. Lambrick H.T., “Sindh before the Muslim Conquest”, Jamshoro : Sindhi Adabi Board, 1973-P-4.
5. موجوده دؤر ۾ آرڪيالاجي جي ماهرن سنڌ جي ڪيترن ئي ماڳن مڪانن تان کوجنا بعد ڪجهہ اهڙيون قديم شيون کوٽائي ڪري حاصل ڪيون آهن جن مان خبر پوي ٿي تہ سنڌ جي قدامت بابلي ۽ مصري تهذيب جي برابر يا ان کان بہ قديم آهي.
6. لوحزن، جي ايم، ”سنڌ ۾ اسلام کان اڳ جا قديم آثار“، (مقالو) ڪتاب: ”سنڌ صدين کان“، ڀٽ شاهہ: ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، سال 1982ع، ص: 83.
7. عبدالرسول، صاحبزاده، ”تاريخ پاڪ و هند“، لاهور: ايم آر برادرز، ص: 27.
8. انصاري، اشتياق، ”ڌرتي ماتا“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، سال 2001ع، ص: 39.


Shah Abdul Latif Bhitai Chair

9. سيد، جي ايم، ”سنڌوءَ جي ساڃاهہ“، سن، ضلعو دادو: جي ايم سيد اڪيڊمي، ڇاپو ٽيون، سال 2000ع، ص: 36-34.
10. قرآن مجيد، سوره نساءِ آيت - 1.
11. آڏواڻي، ڪلياڻ ”شاهہ جو رسالو“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2006ع، ص: 353.
12. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ”قديم سنڌ“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1980ع، ص: 291-290.
13. شبلي، ابوبڪر، ”دنيا جي ڪهاڻي“، ڪراچي: انوار بُڪ ڊيو، ص: 29-28.
14. ابوعبدالله محمد بن يزيد بن ماجہ محدث، ”سنن ابن ماجہ“، ڪراچي: قديمي ڪتب خانہ، ص: 20.
15. خواجہ، نور افروز، ڊاڪٽر، ”پاڻي پٽ ڪٽا“، حيدرآباد: گنج بخش ڪتاب گهر، 2005ع، ص: 121.
16. برٽن، رچرڊ/ڀنيرو، عطا محمد، ”سنڌ ڏکويل ماٿري“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2006ع، ص: 184.
17. قليچ بيگ، مرزا، شمس العلماءِ، ”ديوان قليچ“ ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1989ع، ص: 81.
18. اينگلس، فريڊرڪ، ترجمو: مگسي، ابوبڪر خان، ”فرد، ڪٽنب ۽ رياست“، ڪراچي: سنڌيڪار اڪيڊمي 2009ع، ص: 12.
19. شبلي ابوبڪر، ”دنيا جي ڪهاڻي“ ڪراچي: انوار بُڪ ڊيو، ص: 29-28.
20. سيد، جي ايم، ”سنڌوءَ جي ساڃاهہ“، سن: جي ايم سيد اڪيڊمي، 2000ع، ص: 359.
21. قرآن مجيد، سورة نساءِ، آيت 22.
22. مولائي شيدائي، رحميداد خان، ”جنت السنڌ“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2000ع، ص: 269.
23. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن، 2006ع، ص: 159-158.
24. سيد، جي ايم، ”سنڌوءَ جي ساڃاهہ“، سن: جي ايم سيد اڪيڊمي، 2000ع، ص:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

.352

25. حامي، عطا محمد، ڊاڪٽر، ”خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو“، ڄامشورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994ع، ص: 195.
26. ائٽيڪن، اي ايڇ، ”سنڌ گزيٽيئر“، ڪنڊيارو: روشني پبليڪيشن، 2006ع، ص: 263.
27. ندوي، سليمان سيد، ”عرب و ہند کے تعلقات“، جي باب پهرئين ۾ صفحي 34 تي هڪ عنوان قائم ڪيو آهي: ”رانیاں پردہ نہیں کرتیں“ ان مان ذڪر ڪيل ڳالهه جي خبر پوي ٿي.
28. حامي، عطا محمد، ڊاڪٽر، ”خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو“، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1994ع، ص: 195.
29. آڏواڻي، ڀيرومل مهرچند، ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، ڪنڊيارو: روشني پبلڪيشن، 2006ع، ص: 158.
30. مولائي شيدائي، رحميداد خان، ”تاريخ تمدن سنڌ“، حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي، 1959ع، ص: 24.
31. اوجها، منگهارام، ”پراڻو پارڪر“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1975ع، ص: 39.
32. نظاماڻي، ڪريم بخش، رئيس، ”ڪيئي ڪتاب“، حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر، 2008ع، ص: 61-60.
33. برٽن، رچرڊ/ پنہيرو، عطا محمد، ”سنڌ ڏڪويل ماٿري“، ڪنڊيارو: روشني پبلڪيشن، 2006ع، ص: 151.
34. مولائي شيدائي، رحميداد خان، ”جنت السنڌ“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2000ع، ص: 165.
35. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ“، ڀٽ شاهه: شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1978ع، ص: 1.
36. پوسٽنس، ٽي، ترجمو: پنہيرو، عطا محمد، ”سنڌ جيئن مون ڏٺي“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 1997ع، ص: 44.
37. مولائي شيدائي، رحميداد خان، ”ٽالپرن جي مختصر تاريخ“، ڄامشورو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 2005ع، ص: 49.
38. مهر، غلام رسول، ”تاريخ سنڌ“ (ڪلهوڙا دؤر) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع، ص: 602.
39. اينگلس، فريڊرڪ، ترجمو: مگسي، ابوبڪر خان، ”فرد، ڪٽنب ۽ رياست“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2009ع، ص: 19.
40. ڪزنس، هينري، ترجمو: پنيرو، عطا محمد، ”سنڌ جا قديم آثار“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2004ع، ص: 261.
41.ہاشمی، عبدالمنعم، ”قرآن مجید میں عورتوں کے قصے“، لاہور: بیت العلم، ص: 41-40۔
42. ٺٽوي، طاهر محمد، سيد، ترجمو: همايوني، نياز، ”تاريخ طاهري“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1995ع، ص: 43-39.
43. آڏواڻي، ڪلياڻ، ”شاهه جو رسالو“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 2006ع، ص: 346.
44. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، ڪنڊيارو: روشني پبلڪيشن، 2006ع، ص: 65.
45. اوجها، منگهارام، ”پراڻو پارڪر“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1975ع، ص: 75.
46. شيخ، محمد سومار، ”لاڙ جا ماڳ مڪان“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2006ع، ص: 56-55.
47. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ”فتح نامہ سنڌ عرف چچ نامو“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2004ع، ص: 66.
48. هريجن، رائچند، ”تاريخ ريگستان“، (ياگو پهريون)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 1988ع.
49. ايضاً، ص: 169.
50. مولائي شيدائي، رحميداد خان، ”تاريخ تمدن سنڌ“، حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي، 1959ع، ص: 67-66.
51. آڏواڻي، پيرومل مهرچند، ”سنڌ جي هندن جي تاريخ“، ڪنڊيارو: روشني

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

پبلڪيشن، 2006ع، ص: 160.
52. پوسٽنس ٽي، ترجمو: پنيرو، عطا محمد، ”سنڌ جيئن مون ڏٺي“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 1997ع، ص: 59.
53. ڪزنس، هينري، ترجمو: پنيرو عطا محمد، ”سنڌ جا قديم آثار“، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، 2004ع، ص: 51.
54. مولائي شيدائي، رحميداد خان، ”تاريخ تمدن سنڌ“، حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي، 1959ع، ص: 24.
55. پوسٽنس، ٽي، ترجمو: پنيرو، عطا محمد، ”سنڌ جيئن مون ڏٺي“، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، 1997ع، ص: 38.
56. ايضاً، ص: 49.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair